# دي ريفارمرز

## ستون چاپو



هيڊ ماسترن/ماستريائڻين جون

# پرتيون

اسڪول تعليم کاتي پاران اسڪولن جي تعليمي
معيار ۽ انتظامي بهتري لاءِ هڪ نئون قدم

# متعارف

اسڪول تعليم کاتي پاران
مستقل ملازمن بابت معلومات وارو نظام
(Human Resource Management Information System)

**چوڪرين جي تعليم جي اهميت کي نظر ۾ رکندي اهو يقيني بڻايو ويو آهي ته تعليمي منصوبن ۾ چوڪرين جي تعليم کي ترجيح ڏني وئي آهي ته جيئن کين تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائي سگهجي.**




عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
اسڪول تعليم کاتو،
حڪومت سنڌ


تعليمي شعبي ۾ سڌارا هاڻي بنهه لازمي بڻجي چڪا آهن، ڇاڪاڻ ته عالمي سطح تي درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي پنهنجي تعليمي معيار کي گهربل تقاضائن مطابق بڻائڻو پوندو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم ۽ خواندگي کاتي جي صوبائي وزير جام مهتاب ڏهر جي رهنمائي ۾ اسڪول تعليم کاتي پاران گڏيل ڪوششون جاري آهن ۽ پنهنجي هدف ڪيل مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڌارا آندا پيا وڃن.

ديرپا ڪاميابيون ۽ موثر نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ عالمي سطح تي جوڙيل حڪمت عملي (جنهن جو مقصد سٺي ڪارڪردگي لاءِ قابل ۽ ڄاڻو ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ آهي) تحت ميرٽ جي بنياد تي ڀرتيون ڪيون پيون وڃن. ان ڏس ۾ تدريسي ۽ انتظامي معاملن کي نظر ۾ رکندي سکر آءِ بي اي جي ٽيسٽ پاس ڪيل هڪ هزار کان وڌيڪ هيڊماسترن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي. بئي پاسي "ڀرتين بابت پاليسي 2017ع" جي سنڌ جي وڏي وزير کان منظوري ورتي وئي آهي. اهڙي منظوري ڪانپوءِ هاڻ اسڪول تعليم کاتي ۾ مستقبل ۾ جيڪي به ڀرتيون ٿينديون، اهي هن پاليسي تحت ٿينديون. جنهن مطابق شفافيت ۽ ميرٽ کي نظر ۾ رکندي ڀرتين لاءِ ڪنهن سٺي ساک رکندڙ اداري جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون. اميدوار کي چند ڇاڻ سميت مختلف سخت قسمن جي ٽيسٽ واري مرحلي مان گذرڻ ڪانپوءِ ڀرتي ڪيو ويندو. استادن جي ڀرتي ان سلسلي ڏانهن پهرين وک آهي. خاص طور تي انگريزي، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ حساب جي مضمون لاءِ استادن جي ڀرتي اهم اڳيرائي آهي. جڏهن ته استادن ۽ انتظاميه جي ڀرتي بابت قاعدن ۾ ضروري ترميمون ڪري ان کي عالمي سطح تي مجيل معيارمطابق بڻايو پيو وڃي.

سرڪاري اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن توڙي سامان جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ بابت هڪ جامع رٿا تيار ڪئي وئي آهي. جنهن سان تعليمي معيار ۾ تمام گهڻي بهتري ايندي. بئي پاسي ڇوڪرين جي تعليم جي اهميت کي نظر ۾ رکندي اهو يقيني بڻايو ويو آهي ته اسان جي تعليمي ادارن جي ترجيح ڇوڪرين جي تعليم ۽ کين تعليم لاءِ همٿائڻ آهي.

سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا وڌائڻ لاءِ هڪ سوچيل ۽ سٺا نتيجا ڏيندڙ حڪمت عملي تحت هڪ رٿا متعارف ڪرائي وئي آهي. جنهن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ اختيارين کي خاص تاڪيد ڪئي وئي آهي. جنهن جا داخلا ۾ واڌاري ذريعي سٺا نتيجا ملڻ شروع ٿي ويا آهن. ٻئي پاسي ابتدائي تعليم جي پيشوراڻي ۽ معياري ڪلاسن ۾ منتقلي کي يقيني بڻائڻ لاءِ تازو ئي ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سار سنڀال (ECCE) واري پاليسي تيار ڪئي وئي آهي.

بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولي انهن کي فعال بڻائڻ ۽ عملي جي مقررين ۾ بيقاعدگين کي درست ڪرڻ بابت اڳيرائي ٿي آهي. ڏورانهن علائقن جي ڳوٺن ۾ استادن جي تمام گهڻي کوٽ آهي. جڏهن ته ڪجهه شهري ۽ نيم شهري علائقن ۾ عملي جي ڀرمار لڳي پئي آهي. جنهن جي حل لاءِ هڪ پاليسي تيار ڪئي وئي آهي، جيڪا مڪمل ٿي چڪي آهي. ڄاڻايل پاليسي کي تمام جلد جاري ڪيو ويندو، جنهن کان فوري بعد ان تي عملدرآمد شروع ٿي ويندو. الله جي ٻاجهه ۽ اسڪول تعليم کاتي جي اڻٿڪ ڪوششن سان اسان جي حڪمت عملي ڪامياب ٿي ۽ اسان ان حڪمت عملي جي نتيجي ۾ 2076ع اسڪولن کي کولي انهن کي ٻيهر فعال بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿياسين.

## معياري تعليم جي فراهمي اسان جي اهم ترجيح آهي



**گذريل 5 مهينن دوران صوبي جي بند پيل 2076 غير فعال اسڪولن کي ٻيهر کولي انهن کي فعال بڻايو ويو آهي**


فيصل احمد عقيلي
چيف پروگرام مئنيجر،
ريفارم سپورٽ يونٽ،
اسڪول تعليم کاتو،
حڪومت سنڌ


"دي ريفارمرز" جي ستين (سنڌي جي ٽئين) ڇاپي جو تحفو اوهان کي پيش ڪندي بيحد خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. انهي شماري ذريعي اوهان کي جاري تعليمي سڌارن بابت اهم معلومات حاصل ٿيندي. عالمي بئنڪ جي سنڌ جي تعليمي سڌارن واري ٻئين رٿا (Sindh Education Reform Program — II) جي 30 جون 2017ع تي پڄاڻي ٿي چڪي آهي. جڏهن ته سنڌ گلوبل پارٽنر شپ فار ايجوڪيشن (Sindh Global Partnership for Education) پنهنجي تيارين ذريعي عروج تي پهتل آهي. ان کان علاوه تعليم کاتي جي مستقل ملازمن بابت معلومات واري نظام (Human Resource Management Information System) ۾ سڌارو، اسڪولن جي ڪارڪردگي جي جائزي ۽ نگراني واري نظام (Sindh School Monitoring System)جي مضبوطي ۽ رابطن کي هٿي ڏيڻ واريون سرگرميون پڻ ڪاميابي سان جاري آهن. سرڪاري اسڪولن ۾ ڊگهي مدي وارن سڌارن ۽ تبديلين لاءِ پڻ تڪڙن بنيادن تي ڪم هلي رهيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي وارو عمل اسان جي اهم هدفن مان هڪ آهي. ان ڏس ۾ مالي سال 17-2016ع جي اسڪولن لاءِ مختص ڪيل بجيٽ (School Specific Budget) ۽ گڏايل اسڪولن جي (Consolidated Schools Budgets) بجيٽ جي استعمال ذريعي انهن سهولتن جي فراهمي وارو عمل جاري آهي. جڏهن ته بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ ۽ شديد گرمين واري مسئلي کي آڏو رکندي گهٽ ۾ گهٽ 1500 کان 2000 سرڪاري اسڪولن ۾ شمسي توانائي ذريعي بجلي، پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. ان سان گڏوگڏ غير فعال غسل خانن ۽ زبون حال چوديوارين جي مرمت سميت ٻئي گهربل ڪم جو سلسلو به هلندڙ آهي.

گذريل ٽي ماهي وارو عرصو اسڪول تعليم کاتي لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل رهيو پر اهو انتهائي دلچسپ به هيو. صوبي جي بند پيل 2076 غير فعال اسڪولن کي ٻيهر کولي انهن کي فعال بڻايو ويو آهي. جيڪو اسڪول تعليم کاتي لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل هو. انهن بند اسڪولن کي ڊائريڪٽرن ۽ مقامي آفيسرن جي مدد سان اسٽوڊنٽ ٽيچر ريشو (شاگرد استاد تناسب) واري پاليسي تحت کوليو ويو آهي. هن پاليسي مطابق 30 شاگردن لاءِ هڪ استاد ضرور هجڻ گهرجي. ان کان علاوه شاگردن جي سکيا واري عمل جي توازن کي پرکڻ ۽ سنڌن تعليمي ڪاڪردگي جي جائزي لاءِ ورتي ويندڙ اسٽينڊرائيزڊ اچيومينٽ ٽيسٽ (SAT) جو پنجون مرحلو پڻ مڪمل ٿي چڪو آهي، اهڙي ٽيسٽ آءِ بي اي سکر جي ذريعي ورتي ويندي آهي. جڏهن ته ڪميونيڪشن يونٽ پاران تعليمي سڌارن بابت مختلف تقريبون منعقد ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي.

اسان جي ايندڙ رٿائن ۾ سيمز (SEMIS) پروفائيل 17-2016ع، ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم (ECCE) جي پاليسي ۽ ٽئين ساليانی جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر رويو (JESR-III) جي نظرثاني وغيره شامل آهن. اسان پراميد آهيون ته سٺي معلومات سان سرشار هن ڇاپي کي پڙهي اوهان کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي. جڏهن ته پنهنجا قيمتي رايا ۽ تجويزون موڪلڻ نه وساريندا.

# ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB)

## پاران سنڌ جي مختلف تعليمي منصوبن ۾ گهربل سڌارن جي نشاندهي

رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي ۽ اسڪول تعليم کاتي پاران ايشيائي ترقياتي بئنڪ (Asian Development Bank) سان گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. ڄاڻايل گڏجاڻي 10 مارچ 2017ع تي ڪراچي ۾ منعقد ڪئي وئي. گڏجاڻي دوران ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي ٽيم سنڌ ۾ تعليمي شعبي جي سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ دلچسپي جو اظهار ڪيو. ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاران پاڪستان جي تعليمي شعبي جي جائزي لاءِ هڪ رٿا جوڙي وئي آهي. ان جائزي واري رٿا تحت هيٺ ڄاڻايل شعبن ۾ سڌارن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.

- استادن جو معيار ۽ انتظامي معاملا
- نصاب ۽ ان جو جائزو
- تعليم کي عام ڪرڻ، تعمير ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي
- سرڪاري ۽ خانگي شعبن وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ

## سنڌ جي تعليمي انتظامي معلومات واري نظام (SEMIS) 2016-17ع بابت ڄاڻ

سنڌ جي تعليمي انتظامي معلومات واري نظام (جنهن کي Sindh Education Management Information System-SEMIS چيو ويندو آهي) بابت ڄاڻ هڪ الڳ نوعيت جي اشاعت آهي. اسڪول تعليم کاتي پاران 1999ع کان ساليانو بنياد تي ڳڻپ شماري ذريعي ڄاڻ گڏ ڪئي وڃي ٿي. سيمز پروفائيل حڪومتي ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين لاءِ پاليسيون ٺاهڻ، تحقيق ۽ منصوبابندي بابت ريڙهه جي هڏي جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

**سيمز پروفائيل 2016-17ع جي ايندڙ شماري ۾ گذريل 25 سالن جي مجموعي معلومات شامل هوندي. جنهن مان اوهان کي تفصيلي ڄاڻ ملندي ته ڪهڙي ريت داخلائن، اسڪولن، استادن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن ۾ سڌارا آيا آهن.**

ان پروفائيل ۾ نه رڳو مٿي ڄاڻايل ڄاڻ ڏني وئي آهي پر ان مان اسان کي مڪمل تفصيلي ۽ مجموعي تجزيو پڻ ملندو. ان کان علاوه اسان لاءِ انهي لحاظ کان به فائديمند ثابت ٿيندو ته اسان ان مان اندازو لڳائي سگهنداسين ته 25 سالن جي ڊگهي عرصي دوران ڪهڙن چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ڪهڙن نون لاڙن کي متعارف ڪرايو ويو.



## هيڊ ماسترن/ماسترياڻين جون

# ڀرتيون

اسڪول تعليم کاتي پاران ميرٽ ۽ شفافيت تي عمل ڪندي ڪاميابي سان 1039 هيڊ ماسترن/ماسترياڻين جي ڀرتي واري عمل کي مڪمل ڪري ورتو آهي. نون ڀرتي ڪيل هيڊ ماسترن کي سموري صوبي جي سرڪاري اسڪولن ۾ مقرر ڪيو ويندو. واضح رهي ته ڄاڻايل هيڊ ماسترن جي ڀرتي لاءِ سنڌي ساک رکندڙ اداري جي ٽيسٽ پاس ڪرڻ کانپوءِ ڀرتي ڪيو ويو آهي. جنهن جو مقصد صوبي ۾ تعليمي انتظامن ۽ معيار کي موثر بڻائڻ آهي. واضح رهي ته هيڊ ماسترن جي ڀرتي لاءِ ڪل 7000 اميدوارن درخواستون ڏنيون هيون، جن مان 1080 اميدوارن ٽيسٽ ۾ ڪاميابي ماڻي هئي. جڏهن ته هيڊ ماسترن جي ڀرتي بابت جائزي واري ڪميٽي پاران سفارشون ڏيڻ کانپوءِ 1039 اميدوارن جي ڀرتي جي حتمي منظوري ڏني وئي. اسڪول تعليم کاتي پاران ڄاڻايل سمورن هيڊ ماسترن جي ڀرتي واري عمل دوران قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪندي سموري مرحلي دوران شفافيت کي يقيني بڻايو ويو آهي.

**هيڊ ماسترن جي ڀرتي لاءِ ڪل 7000 اميدوارن درخواستون ڏنيون هيون، جن مان 1080 اميدوارن ٽيسٽ ۾ ڪاميابي ماڻي هئي. جڏهن ته جائزي واري ڪميٽي جي سفارشن بعد 1039 اميدوارن جي ڀرتي جي حتمي منظوري ڏني وئي.**

انٽرويوز جي نتيجن تي ڪنهن به قسم جي مداخلت ذريعي اثر انداز ٿيڻ واري معاملي کي نظر ۾ رکندي ڀرتيون انٽرويوز بدران لکت واري ٽيسٽ ذريعي ڪيون ويون آهن. ساڳي ريت اسڪول تعليم کاتي پاران ڀرتين جي سموري مرحلي بابت معلومات کي اسڪول تعليم کاتي جي ويب سائيٽ ۽ سوشل ميڊيا تي پڻ جاري ڪئي وئي هئي. ان کان علاوه ڪامياب اميدوارن جي حتمي فهرست پڻ عام ڪئي وئي هئي ته جيئن اميدوارن کي ڪا غلطي نظر اچي يا شڪايت هجي ته اهي کاتي سان رابطو ڪن ته جيئن ان جي نشاندهي ٿي سگهي. ان کان علاوه ميرٽ تي ڀرتين واري عمل کانپوءِ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي وئي آهي، جنهن جو ايڊيشنل سيڪريٽري (جيڪو کاتي جي قانوني معاملن کي ڏسي ٿو) کي سربراهه (چيئرمين) مقرر ڪيو ويو آهي. اها ڪميٽي ڪامياب هيڊ ماسترن جي بائيو ميٽرڪ ذريعي تصديق واري عمل دوران اميدوارن جي شڪايتن کي لاڳاپيل اختيارين ڏانهن اماڻيندي ته جيئن سندن شڪايتن جو ازالو ٿي سگهي.



### نوان ڀرتي ٿيل هيڊ ماستر ۽ اميدون

تازو ئي ڀرتي ٿيل قابل ۽ ڄاڻو هيڊ ماسترن جي تعليم کاتي پاران بائيو ميٽرڪ ذريعي تصديق وارو عمل جاري آهي. جڏهن ته شفافيت واري عمل کي برقرار رکندي هر هڪ هيڊ ماستر کي پنهنجي تصوير ۽ بار ڪوڊ (هڪ خفيه ڪوڊ) لڳل آفر ليٽر ڏنو ويندو. گرمين جي موڪلن ختم ٿيڻ کانپوءِ پنهنجون ڊيوٽيون سرانجام ڏيڻ شروع ڪندا. اسان ڪامياب هيڊ ماسترن مان اميد رکون ٿا ته اهي پنهنجي پنهنجي اسڪولن جي اڳواڻي ڪندي موثر تعليمي نظام ۽ معيار لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.

# اسڪول تعليم کاتي پاران

## متعارف


## مستقل ملازمن بابت معلومات وارو نظام (Human Resource Management Information System)

اسڪول تعليم کاتو، سنڌ حڪومت جو واحد کاتو آهي، جنهن ۾ ٻين سمورن کاتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ملازمن جو انگ ڪم ڪري ٿو پر کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن بابت هڪ مجموعي، پروسي جوڳي ۽ تازي معلومات جي کوٽ آهي. جنهن سبب عملي بابت هيٺ ڄاڻايل ضروري فيصلا ۽ ڪارروائي ڪرڻ لاءِ کاتي جي سمورن ملازمن جي ريشنلائيزيشن (جنهن ذريعي اضافي ملازمن کي کوٽ واري هنڌ مقرر ڪرڻ) ۽ عملي بابت پختي ڄاڻ جو هجڻ تمام ضروري آهي.

1) عملي جي تربيت 2) ترقي (موجوده عهدي کان مٿين عهدي ڏانهن موڪلڻ) 3) کاتي پاران ضروري ڪارروائي


مٿي ڄاڻايل قدمن ۽ ملازمن جي ڄاڻ واري معاملي کي نظر ۾ رکندي سنڌ گلوبل پارٽنرشپ فار ايجوڪيشن (SGPE) جي رٿا تحت کاتي جي سموري (تدريسي ۽ غير تدريسي) عملي لاءِ بائيو ميٽرڪ وارو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي. جنهن کانپوءِ بائيوميٽرڪ ذريعي حاصل ٿيندڙ معلومات جي بنياد تي تعليم کاتي جي مستقل ملازمن جي معلومات وارو نظام (Human Resource Information System-HRMIS) متعارف ڪرايو ويو آهي.

## LOGIN داخل ٿيڻ وارو صفحو




مستقل ملازمن بابت معلومات وارو نظام (HRMIS) تعليم کاتي جي سموري عملي جي موجوده مقرري واري هنڌ بابت اهم معلومات فراهم ڪري ٿو، جنهن سان اضافي عملي کي بدلي ڪري گهربل ملازمن واري هنڌ مقرر ڪيو وڃي ٿو. اهڙي عمل سان مختلف هنڌن تي عملي جي کوٽ پوري ڪئي وڃي ٿي. ڄاڻايل سرشتي کي انساني وسيلن بابت هڪ اهم (رهنمائي ۽ هدايتن تي ٻڌل) ڪتابچي جي مدد سان هلايو وڃي ٿو.

## DASHBOARD ڊيش بورڊ




# سنڌ جا 2076 بند پيل اسڪول ٻيهر کلي ويا

اسڪول تعليم کاتو، حڪومت سنڌ، صوبي ۾ لاڳو تعليمي ايمرجنسي تي عملدرآمد کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ ڪوشان آهي، تڪڙن بنيادن تي اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ۽ معياري تعليم جي فراهمي لاءِ ڪوششون ورتيون پيون وڃن.

اسڪول تعليم کاتو ڪيتري ئي عرصي کان بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولڻ واري درپيش چئلينجن کي نئين عزم سان منهن ڏئي رهيو آهي. ان ڏس ۾ تعليم کاتي جي ڊائريڪٽرن ۽ مقامي آفيسرن جي مدد سان گذريل 5 مهينن دوران صوبي جي بند پيل ڪل 4123 اسڪولن مان 50 سيڪڙو کان وڌيڪ 2076 غير فعال اسڪولن کي ٻيهر کولي انهن کي فعال بڻايو ويو آهي. هنن اسڪولن کي اسٽوڊنٽ ٽيچر ريشو (شاگرد استاد تناسب) واري پاليسي تحت کوليو ويو آهي.

**اسٽوڊنٽ ٽيچر ريشو (شاگرد استاد تناسب) واري پاليسي مطابق 30 شاگردن لاءِ هڪ استاد ضرور هجڻ گهرجي.**




تعليم کاتو مقامي ماڻهن، سول سوسائٽي ۽ والدين سميت سمورين سڄاڻ ڌرين کي دعوت ڏئي ٿو ته اهي اڳتي اچي ڄاڻايل اسڪولن ۾ تدريسي عمل جي تصديق لاءِ دورو ڪن. چاڪاڻ ته تعليم کاتو چاهي ٿو ته لاڳاپيل ڌريون اسڪولن جو دورو ڪن ته جيئن اهڙي شموليت ذريعي اهي اسڪولن کي مڪمل فعال بڻائڻ ۽ تدريسي عمل کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجو مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪن. تعليم کاتي پاران ساڄاهه وند طبقي ۽ والدين جي اهڙي عمل جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي. چاڪاڻ ته لاڳاپيل ڌرين جي گڏيل سهڪار سان اسان پنهنجي ڪوشش کي حقيقي ڪاميابين ۾ بدلائي سگهون ٿا. ان حوالي سان ٻيهر فعال بڻايل سمورن اسڪولن جي معلومات تعليم کاتي جي (http://www.sindheducation.gov.pk/) تي موجود آهي. ان ڏس ۾ اوهان پنهنجون تجويزون ۽ رايا هيٺ ڏنل اي ميل ايڊريس (reopeningofschools@sindheducation.gov.pk) ذريعي اماڻي موثر تعليمي نظام واري عمل ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري سگهو ٿا.

# ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سار سنڀال

## پهرين قومي ڪانفرنس

ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سار سنڀال بابت پهرين قومي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. ڄاڻايل تقريب 27 ۽ 28 مارچ تي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ڪوٺائي وئي. ڄاڻايل تقريب ۾ اسڪول تعليم کاتي، حڪومت سنڌ پاران تعليم کاتي جي ذيلي اداري ريفارم سپورٽ يونٽ جي چيف پروگرام مئنيجر فيصل احمد عقيلي شرڪت ڪئي. ڪانفرنس وفاقي تعليم ۽ پيشوراڻي تربيت واري وزارت پاران ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سار سنڀال بابت ڪم ڪندڙ سماجي اداري (ECD Network of Pakistan-ECDNP) جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي. جنهن جو مقصد ملڪ ۾ ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم۽ سار سنڀال کي سموري ملڪ ۾ عام ڪرڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ هو. ڄاڻايل ڪانفرنس ۾ سمورين لاڳاپيل ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي آڻي سنڌن وچ ۾ ڄاڻايل تعليم ۽ سار سنڀال واري نظام بابت رابطن کي هٿي ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ هو. جڏهن ته ڪانفرنس ۾ لاڳاپيل سمورين ڌرين ملڪ ۾ ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سار سنڀال جي موجوده صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ڄاڻايل نظام کي عام ڪرڻ ۽ ان کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ حڪمت عملي پڻ جوڙي وئي. ان موقعي تي فيصل احمد عقيلي سنڌ ۾ ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم جي سڌارن بابت آگاهي ڏني. جنهن ڪانپوءِ هن ڄاڻايل نظام بابت هڪ ڊاڪيومينٽري پڻ ڏيکاري وئي. اها ڊاڪيومينٽري اسڪول تعليم کاتي جي ريفارم سپورٽ يونٽ جي ڪميونڪيشن يونٽ پاران تيار ڪئي وئي هئي. ڄاڻايل ڪانفرنس سموري ملڪ ۾ ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم کي عام ڪرڻ ۽ ان جي سڌاري لاءِ وقتائتي ثابت ٿي. جنهن ۾ ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سار سنڀال بابت ٿيندڙ تحقيق، تجربن ۽ مشاهدن جي مٽاسٽا ڪئي وئي.










## سنڌ ۾ ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ سبب متاثر ٻارن جي واڌ ويجهه رڪجڻ واري عمل جي گهٽتائي لاءِ موثر اپائن کي هٿي ڏيڻ

(Sindh Enhancing Response for Reduction of Stunting Project)

**واري رٿا (2016 کان 2021 تائين)**

سنڌ حڪومت پاران تازو ئي هڪ رٿا جوڙي وئي آهي، جنهن جو مقصد ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ سبب متاثر ٻارن جي واڌ ويجهه رڪجڻ واري عمل ۽ ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ جي 48 سيڪڙو کان 30 سيڪڙو تائين گهٽائڻ آهي. ان کان علاوه رٿا جا هدف حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل مدي 2021ع کان 2026ع تائين واڌ ڪرڻ ۽ هڪ شعبي کان ٻين مختلف شعبن سان ڳنڍيي وسعت ڏني وئي آهي. اهڙي رٿا کي " تڪڙن بنيادن تي قدمن ذريعي ستت نتيجا حاصل ڪرڻ واري رٿا (Accelerated Action Plan—AAP)" جو نالو ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ تعليم بابت تڪڙن بنيادن تي قدمن ذريعي ستت نتيجا حاصل ڪرڻ واري رٿا جو هيٺ ڄاڻايل مقصدن کي اهم حصو بڻايو ويو آهي.

1) سرڪاري اسڪولن کي ٻالڪپڻي جي ابتدائي تعليم ۽ سندن سار سنڀال واري تعليم ۾ سڌارا ۽ ان کي عام ڪرڻ

2) سرڪاري هاءِ اسڪولن ۾ ڇوڪرين سميت صحتمند کاڌي ۽ صحتمند زندگي بابت ڄاڻ کي عام ڪرڻ ۽ جاڳرتا

3) نصاب ۾ سڌارا ۽ اسڪولن ۾ استادن ۽ بالغ ڇوڪرين جي تربيت لاءِ مواد (سامان) جي فراهمي

ڄاڻايل رٿا ۾ صحت، زراعت، لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز، رٿابندي ۽ ترقياتي، آبادي ۽ سماجي ڀلائي کاتن سميت اسڪول تعليم کاتو بہ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ ڄاڻايل رٿا جا مقصد حاصل ڪرڻ ۽ هدفن جي ڪاميابي لاءِ ترقياتي کاتي جي صوبائي وزير جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي. جنهن ۾ رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي جي بورڊ جي چيئرمين سميت سمورن لاڳاپيل شعبن جا سيڪريٽري پڻ ميمبر هوندا. ڄاڻايل رٿا جو جاگرافيائي لحاظ کان تہ هدف تہ پورو صوبو آهي پر ان ۾ اهڙن ضلعن کي ترجيح ڏني ويندي، جيڪي ضلعا جن ۾ ٻار سڀ کان وڌيڪ متاثر هوندا ۽ انهن ضلعن ۾ ٻارن جي ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ سبب متاثر ٿيندڙ ٻارن جي شرح 30 سيڪڙو تائين هوندي.2014ع جي هڪ گهڻ رخي سروي (Multi-Indicator Cluster Survey-MICS) مطابق سنڌ ۾ پنج سالن کان ننڍي عمر جا 84 سيڪڙو ٻار ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ سبب واڌ ويجهه رڪجڻ واري عمل کان متاثر ٿيل آهن. ان ڏس ۾ اسڪول تعليم کاتي پاران هيٺ ڄاڻايل اهم سرگرميون سرانجام ڏنيون پيون وڃن.

- استادن جي تربيت
- ماءُ جي سار سنڀال وارو گروپ
- تدريسي ڪتابن ۾ سبق شامل ڪرڻ

مٿي ڄاڻايل رٿا جي سمورين سرگرمين تي ڪاميابي سان عملدرآمد سان شاگردن، استادن ۽ پرنسپالن ۾ ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ سبب واڌ ويجهه رڪجڻ واري عمل بابت شعور پيدا ٿيندو.

# امتحان ۾ ڪاپي روڪڻ لاءِ ڊگهي عرصي واري حڪمت عملي گهربل آهي

ڊاڪٽر ساجد علي

اسسٽنٽ پروفيسر ۽ آغا خان يونيورسٽي جي تعليمي ترقياتي اداري (AKU-IED) جي گريجوئيٽ پروگرام جو سربراهہ

شاگرد امتحانن ۾ ڪاپي ڇو ٿا ڪن؟ آئون هتي پنهنجي ڳالهہ کي شاگردن جي مستقبل (ڪاميابي ۽ ناڪامي) جو فيصلو ڪندڙ ڀارهين ۽ ٻارهين ڪلاس (Intermediate) جي امتحان تائين محدود ڪريان ٿيو. امتحان ۾ ڪاپي واري مسئلي جا گهٽ ۾ گهٽ 3 اهم پهلو آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

- امتحاني پهلو
- تدريسي فن ۽ پڙهائي جا طريقا
- سماجي پهلو

مٿي ڄاڻايل سمورن ٽنهي پهلوئن جو هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو آهي. هڪ امتحاني سوالنامي جو جائزو وٺڻ سان خبر پئي ٿي تہ شاگردن کي رڳو ياد ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو آهي. جنهن سبب شاگرد گذريل امتحانن دوران بار بار ايندڙ سوالن کي ياد ڪندا آهن. جنهن سان شاگردن کي امتحان ۾ ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي.

### امتحاني نتيجن جو منفي اثر:

اهي امتحان، جيڪي ياد ڪرڻ ۽ ورجاءُ وارن سوالن تي مشتمل هوندا آهن، انهن امتحانن سبب ڪلاس روم ۾ پڙهائڻ جا غير موثر طريقا ۽ سکيا لاءِ اتساهڻ وارو ماحول ناهي هوندو. جنهن سبب امتحاني سينٽرن تي رش ۽ پرچا آئوٽ ٿين ٿا. اهڙي قسم جا ڪلاس رومز ٻارن جي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن تي برو اثر ڇڏن ٿا. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ اسان کي اهو ڏسڻو آهي تہ اسان جو سماج ان امتحان ۾ ڪاپي کي ڪهڙي حساب سان ڏسي ٿو؟

امتحان ۾ نقل کي ڪيئن روڪجي؟ **ان بابت اسان هر سطح تي ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ امتحاني نظام، پڙهائي جي طريقن ۽ سماجي پهلوئن جو جائزو ورتو آهي.** امتحاني سرشتي ۾ سڌارا آڻڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ بار بار ايندڙ سوالن بدران نظرياتي سوالن کي اهميت ڏني وڃي. ان کان علاوه امتحاني نظام کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪنهن خانگي امتحاني بورڊ جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. هڪ سٺي امتحاني نظام لاءِ وڌيڪ محنت ۽ پڙهائي جا موثر طريقا گهربل هوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ نظرياتي امتحان ڪنهن اڳڪٿي يا پراڻن امتحاني سوالن تي ٻڌل نہ هوندا آهن. جڏهن تہ ورجاءُ وارن سوالن کي ٻيهر امتحاني پرچي ۾ شامل ڪرڻ بدران مختلف طريقن کي متعارف ڪرايو ويندو آهي. امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ ياد ڪرڻ جي نہ پر رڳو سوچڻ سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي. بهرحال ميٽرڪ ۽ انٽر جي سطح تي جديد قسم جو اوچتو امتحاني سرشتو لاڳو ڪرڻ سان ڳوناڻن (شاگردن جي والدين)، شاگردن ۽ استادن طرفان شديد تنقيد کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو پر ان باوجود بہ اهڙي قسم جي امتحاني نظام کي سيڪينڊري (نائين ڪلاس) کان ئي لاڳو ڪرڻ گهرجي. جديد امتحاني نظام کي موثر بڻائڻ لاءِ استادن ۽ شاگردن کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ تربيت لاءِ ورڪشاپون منعقد ڪرائڻ گهرجن. جديد امتحاني نظام آڻڻ ۽ ان جي ڪاميابي لاءِ لاڳاپيل سمورن ڌرين کي اعتماد ۾ ورتو وڃي تہ جيئن نئين امتحاني سرشتي کي لاڳو ڪرڻ جا مقصد حاصل ڪري سگهجن ۽ ان کي لاپائتو بڻائي سگهجي.

**سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ اسان کي اهو ڏسڻو آهي تہ اسان جو سماج ان امتحان ۾ ڪاپي کي ڪهڙي حساب سان ڏسي ٿو؟امتحان ۾ ڪاپيءَ کي ڪيئن روڪجي؟ ان بابت اسان هر سطح تي ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ امتحاني نظام، پڙهائي جي طريقن ۽ سماجي پهلوئن جو جائزو ورتو آهي.**

امتحاني اختيارين کي تعليم کاتي سان گڏجي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ مهم شروع ڪرڻ گهرجي.

